SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 2012

SINDH ACT NO.XV OF 2012

شهيد بينظير پٽو يونيورسٽي آف وٽرنري اينڈ اينيمل سائنسز سڪرنڈ ايڪٽ، 2012

THE SHAHEED BENAZIR BHUTTO UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES SAKRAND ACT, 2012

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب ـI

شروعاتي

PRELIMINARY

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

باب ـII

يونيورسٽي

THE UNIVERSITY

3. هيئت

Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار

Powers of the University

5. يونيورسٽي جو دائره اختيار

Jurisdiction of the University

6. يونيورسٽي سمورن طبقن، عقيدن وغيره لاءِ کليل هوندي

University opens to all classes, creeds, etc

7. يونيورسٽي ۾ تدريس

Teaching ate the University

باب _III

يونيورسٽي جا عملدار

OFFICERS OF THE UNIVERSITY

8. يونيورسٽي جا عملدار

Officers of the University

9. چانسلر

Chancellor

10. معائنو

Visitation

11. پرو چانسلر

Pro Chancellor

12. وائيس چانسيلر

Vice Chancellor

13. وائيس چانسلر جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Vice Chancellor

14. پرو وائيس چانسلر

Pro Vice Chancellor

15. رجسٹرار

Registrar

16. مالیات جو ڈائریکٹر

Director of Finance

17. ریزیڈنٹ آڈیٹر

The Resident Auditor

18. امتحانن جو کنٹرولر

Controller of Examinations

19. ڈائریکٹر پلاننگ اینڈ ڈولپمینٹ

The Director Planning and Development

20. بیا کل وقتي عملدار

Other whole time Officers

باب _IV

یونیورسٹي جون اختیاریون

AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY

21. اثارٹیز

Authorities

22. سینیٹ

Senate

23. سینیٹ جا اختیارءِ کم

Powers and Functions of the Senate

24. سنڈیکیٹ

The Syndicate

25. سنڈیکیٹ جا اختیارءِ ذمیداریون

Powers and duties of Syndicate

26. اڪيڈمڪ ڪائونسل

Academic Council

27. اڪيڈمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

28. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, functions and powers of other Authorities

29. ڪجھ اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري

Appointment of committees by certain Authorities

باب _V

قانون، ضابطا ۽ قاعدا

STATUTES, REGULATIONS AND RULES

30. استيچوٽس

Statutes

31. ضابطا

Regulations

32. استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of statutes and regulations

33. قاعدا

Rules

باب _VI

تعليمي ادارن جو يونيورسٽي سان الحاق

AFFILIATION OF EDUCATIONAL INSTITUTIONS TO THE UNIVERSITY

34. الحاق

Affiliation

35. الحاق ٹيل ادارن طرفان ڪورسز جو اضافو
Addition of courses by affiliated educational institutions
36. الحاق ٹيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون
Reports from affiliated educational institutions
37. الحاق ختم ڪرڻ
Withdrawal of affiliation
38. الحاق کان انڪار يا ختم ڪرڻ خلاف اپيل
Appeal against refusal or withdrawal of affiliation

باب _VII
يونيورسٽي فنڊ
UNIVERSITY FUND

39. يونيورسٽي فنڊ
University Fund
40. آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts

باب _VIII
عام گنجائشون
GENERAL PROVISIONS

41. ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Service
42. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show case
43. اپيل يا نظرثاني
Appeal or review
44. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

45. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات

Commencement of term of office of members of Authorities

46. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي پرتي

Filling of Casual Vacancies in authorities

47. اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ غير موثر ٽيڻ

Voids in the constitution of Authorities

48. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of Authorities

49. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب بي اثر ٽيڻ

Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies

50. فرسٽ استيچوٽس

First Statutes

51. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

52. ضمانت

Indemnity

53. عملدارن، استادن يا ملازمن کي ڪنهن حڪومت يا تنظيم جي هٿ هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ طلب ڪرڻ

Power to require officers, teachers or employees to serve under any Government or Organizations

فرسٽ استيچوٽس

The First Statutes

(ڏسو دفعہ 45)

1. فيڪلٽيز
Faculties
2. ڊين
Dean
3. تدريسي شعبو
Teaching Department
4. بورڊ آف استڊيز
Board of Studies
5. اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced studies and Research
6. سليڪشن بورڊ
Selection Board
7. سليڪشن بورڊ جا ڪم
Functions of Selection Board
8. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي
The finance and Planning Committee
9. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Finance and Planning Committee
10. الحاق ڪميٽي
Affiliation Committee
11. نظم و ضبط ڪميٽي
Discipline Committee

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 2012
SINDH ACT NO.XV OF 2012
شهيد بينظير پٽو يونيورسٽي آف وٽرنري اينڈ اينيمل سائنسز سڪرنڈ ايڪٽ، 2012
THE SHAHEED BENAZIR BHUTTO UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES SAKRAND ACT, 2012

فهرست (CONTENTS)

[13 سيپٽمبر، 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي سڪرنڈ ۾ پالتو جانورن جي طبابت ۽ جانورن جي علمن بابت شهيد بينظير پٽو يونيورسٽي پالتو جانورن جي طبابت ۽ جانورن جي علمن بابت قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سڪرنڈ ۾ شهيد بينظير پٽو يونيورسٽي پالتو جانورن جي طبابت ۽ جانورن جي علمن بابت جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

باب I

شروعاتي

PRELIMINARY

1. (1) هن ايڪٽ کي شهيد بينظير پٽو يونيورسٽي آف

باب I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

وٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز سڪرنڊ ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) "الحاق شده ڪاليج" مطلب يونيورسٽي سان الحاق ٿيل ڪاليج پر ان طرفان سنڀاليو يا هلايو نه وڃي؛

(c) "اٿارٽي" مطلب دفعه 21 مطابق يونيورسٽي جي اٿارٽيز مان ڪا هڪ؛

(d) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(e) "چيئرمين" مطلب تدريسي شعبي جو سربراهه؛

(f) "ڪاليج" مطلب هڪ جوڙيل ڪاليج يا الحاق ٿيل ڪاليج؛

(g) "ڪميشن" مطلب هائير ايجوڪيشن ڪميشن؛

(h) "جوڙيل ڪاليج" مطلب ڪاليج جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو وڃي؛

(i) "جوڙيل ادارو" مطلب ادارو جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو وڃي؛

(j) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو سربراهه؛

(k) "ڊائريڪٽر" مطلب تدريسي ڊويزن يا يونيورسٽي طرفان جوڙيل اداري طور قائم ڪيل اداري جو سربراهه؛

(l) "تعليمي ادارو" مطلب هڪ ادارو جيڪو فيڪلٽي

سان لاڳاپيل مضمون يا مضمونن ۾ تعليم ڏيندو هجي؛

(m) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(n) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(o) "اعزازي پروفيسر" مطلب هڪ پروفيسر جيڪو اعزازي بنيادن تي تعليمي خدمت ڏيندو هجي؛

(p) "عملدار" مطلب دفعہ 8 ۾ بيان ڪيل يونيورسٽي جي عملدارن مان ڪو هڪ؛

(q) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(r) "پرنسپال" مطلب جوڙيل يا الحاق ٿيل ڪاليج جو سربراهہ؛

(s) "پرو چانسلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو چانسلر؛

(t) "پروفيسر اميريٽس" مطلب يونيورسٽي ۾ ڪم ڪندڙ هڪ رٽائرڊ پروفيسر؛

(u) "پروفيشنل ڪاليج" مطلب هڪ ڪاليج جيڪو اينيمل پروڊڪشن، بزنس مئنيجمينٽ، وٽرنري سائنسز فشريز ۽ جهنگلي جيوت يا اهڙي ٻئي مضمون يا مضمونن ۾ تعليم ڏئي رهيو هجي، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(v) "پرو وائيس چانسلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر؛

(w) "رجسٽرڊ گريجوئيٽ" مطلب يونيورسٽي جو گريجوئيٽ جنهن جو نالو يونيورسٽي طرفان رکيل رجسٽر ۾ داخل هجي؛

(x) "رجسٽرار" مطلب يونيورسٽي جو رجسٽرار؛

(y) "تحقيقي عملدار" مطلب يونيورسٽي طرفان تحقيق لاءِ مقرر ڪيل ڪل وقتي شخص ۽ جيڪو رتبو ۾ يونيورسٽي جي استاد برابر هوندو؛

(z) "سينيٽ" مطلب يونيورسٽي جي سينيٽ؛

(aa) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.

(bb) "سنڊيڪيٽ" مطلب يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ؛

(cc) "استاد" جنهن ۾ شامل آهن يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان ڏگري، آنرس يا پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسز لاءِ ڪل وقتي مقرر ڪيل پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن ۾ استاد طور واضح ڪيا وڃن؛

(dd) "تدريسي شعبو" مطلب يونيورسٽي طرفان قائم ڪيل ۽ سنياليل يا سڃاڻپ ڏنل تدريسي شعبو؛

(ee) "يونيورسٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف ونرني اينڊ اينيمل سائنسز ايٽ سڪرنڊ؛

(ff) "يونيورسٽي استاد" مطلب يونيورسٽي طرفان مقرر ڪيل يا پگهار تي رکيل هڪ ڪل وقتي استاد يا يونيورسٽي طرفان اهڙيءَ ريت سڃاڻپ ڏنل؛ ۽

(gg) "وائيس چانسلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر.

باب _II

يونيورسٽي

باب _II

يونيورسٽي

هيئت

Incorporation

THE UNIVERSITY

3.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب سڪرنڊ ۾ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف ٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز قائم ڪئي وئي آهي.

(2) يونيورسٽي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر، پرو چانسلر؛

(a) مک ڪيمپس ۾ وائيس چانسلر، ڊينس، ڪاليجن جا پرنسپال، جوڙيل ادارن جا ڊائريڪٽرس، تدريسي شعبن جا چيئرمين، رجسٽرار، ماليات جا ڊائريڪٽر، امتحانن جو ڪنٽرولر، چيف اڪائونٽنٽ، ريزيڊنٽ آڊيٽر ۽ ٻيا اهڙا عملدار جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(b) اضافي ڪيمپس ۾، پرو وائيس چانسلر، ڊينس، تدريسي شعبن جا چيئرمين ۽ اهڙا ٻيا عملدار جيڪي چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي وقت بوقت مقرر ڪيا وڃن.

(ii) سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ يونيورسٽي جي ٻين اٿارٽيز جا ميمبر؛

(iii) يونيورسٽي جا سمورا استاد؛ ۽

(iv) اميريٽس پروفيسرس؛

بشرطيڪ چانسلر، وائيس چانسلر جي سفارش تي يونيورسٽي جي ضابطي ۽ انتظام هيٺ تعليمي اداري يا ڪاليج ۾ بورڊ آف گورنرس جوڙي سگهي ٿو، جنهن ۾ شق (i) جي ذيلي شق (b) ۾ ڄاڻايل عملدار ۽ ملازم شامل هوندا.

(2) يونيورسٽي شهيد بينظير پٽو يونيورسٽي آف ٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز سڪرنڊ جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) يونيورسٽي پنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، ليز تي ونڻ، وڪرو ڪرڻ يا پي صورت ۾ ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي، جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

يونيورسٽي جا اختيار

Powers of the University

4. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) ٽرنري ۽ اينيمل سائنسز شوشل ۽ نيچرل سائنسز هيومنٽيز ۽ اهڙين پين شاخن ۾ تعليم مهيا ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(ii) يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان پڙهائي جا ڪورس ۽ نصاب بيان ڪرڻ؛

(iii) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان ونڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن ڄاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ پيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(iv) پنهنجو الحاق ڪرڻ يا پين ادارن سان پاڻ کي جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبا قائم ڪرڻ؛

(v) ڄاڻايل طريقيڪار موجب حڪومت جي سفارشن

تي چانسلر جي منظوري سان منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(vi) اهڙن ماڻهن کي تعليم ڏيڻ ۽ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوماز ڏيڻ جيڪي يونيورسٽي جا شاگرد نه هجن؛

(vii) اهڙن ماڻهن کي ڊگريون ڏيڻ جن بيان ڪيل شرطن موجب آزاداڻي تحقيق ڪئي هجي؛

(viii) تعليمي ادارن کي بيان ڪيل شرطن موجب الحاق ڏيڻ يا الحاق ختم ڪرڻ؛

(ix) بيان ڪيل شرطن موجب تعليمي ادارن کي پنهنجي مراعتون ڏيڻ يا اهڙين مراعتن کي ختم ڪرڻ؛

(x) الحاق ٿيل يا الحاق چاهيندڙ ڪاليجن يا ٻين تعليمي ادارن جي جاچ ڪرڻ؛

(xi) ٻين يونيورسٽيز يا سڪيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن يا پڙهائي جي گذاريل عرصي کي يونيورسٽي جي امتحانن جي پڙهائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ يا اهڙي درخواست کي رد ڪرڻ؛

(xii) ٻين يونيورسٽيز ۽ اٿارٽيز سان اهڙيءَ ريت ۽ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xiii) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(xiv) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(xv) يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ٿيل ڪاليجن يا

تعليمي ادارن جي تدريسي عملي جي چوند ميمبرن کي مجتا ڏيڻ يا اهڙن ٻين ماڻهن کي يونيورسٽي جي استاد طور مجتا ڏيڻ، جيئن مناسب هجي؛

(xvi) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، برسريز، ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(xvii) سکيا ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا، هنري مرڪز، ميوزيمس ۽ ٻيا سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت، سار سنيال ۽ هلائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(xviii) يونيورسٽي طرفان جوڙيل حڪمت عملي تحت يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۽ جوڙيل ادارن جي شاگردن جي رهائش تي ضابطو رکڻ؛

(xix) رهائش جا هالس ٺاهڻ ۽ سنيالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس کي منظور ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(xx) يونيورسٽي جي شاگردن جي نظم و ضبط جي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xxi) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xxii) تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن لاءِ گنجائش جوڙڻ ۽ انهن مقصدن لاءِ حڪمت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان بيان ڪيل شرطن موجب انتظامن ۾

داخل ٿيڻ؛

(xxiii) ٺيڪڻ ۾ شامل ٿيڻ، جاري رکڻ، تبديل يا رد ’ ڪرڻ؛

(xxiv) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اڻڀڻَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(xxv) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛

(v) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان لاڳاپيل هجن يا نہ، جيئن يونيورسٽي جا تدريس، تربيت ۽ تحقيق وارا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

يونيورسٽي جو دائره اختيار Jurisdiction of the University

5. (1) يونيورسٽي حڪومت طرفان طئي ڪيل علائقائي حدن ۽ ڄاڻايل ادارن جي سلسلي ۾ هن ايڪٽ تحت سونپيل ڪيل اختيار استعمال ڪندي: بشرطيڪ حڪومت يونيورسٽي سان مشوري سان عام يا خاص حڪم ذريعي اهڙن ادارن جي علائقائي حدن ۾ يونيورسٽي جي مٿي ڄاڻايل اختيارن ۾ ڦيرگھير آڻي سگھندي.

(2) ڪو بہ وٽرنري ۽ اينيمل سائنسز جو تعليمي ادارو جيڪو يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ واقع هجي، يونيورسٽي ۽ حڪومت جي منظوري کانسواءِ ڪنهن بہ يونيورسٽي سان الحاق نہ ڪندو يا بہ يونيورسٽي جون مراعتون حاصل نہ ڪندو.

(3) يونيورسٽي بيان ڪيل شرطن موجب ٻي ڪنهن يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ ايندڙ ڪنهن تعليمي اداري کي پنهنجي مراعتن ۾ داخل ڪري سگهي ٿي پوءِ اهو پاڪستان جي حدن اندر يا ٻاهر هجي، بشرطيڪ اهڙي يونيورسٽي جي منظوري اڳواٽ ورتي وئي هجي.

(4) يونيورسٽي سنڌ صوبي ۾ يا ٻاهر ڪيمپسز قائم ڪري سگهي ٿي.

يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي
University open to all classes, creeds, etc

6. (1) يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن بہ رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم ونڊ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن بہ شخص کي فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، درجي يا رنگ جي بنياد تي داخلا کان منع نہ ڪيو ويندو.

بشرطيڪ هن دفعہ مطابق بہ شاگردن کي پنهنجي مذهبي حساب سان ڏني ويندڙ تعليم کان نہ روڪيو ويندو، اهڙي طريقي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جوڙيل ڪاليجن ۽ جوڙيل ادارن ۾ هن ايڪٽ جي فوري طور شروع ٿيڻ کانپوءِ داخلا واري حڪمت عملي ساڳي رهندي، جيستائين سنڊيڪيٽ طرفان متائي نہ ٿي وڃي.

يونيورسٽي ۾ تدريس
Teaching ate the University

7. مختلف ڪورسز ۾ سموري مجيل ۽ منظور ڪيل تدريس يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان بيان ڪيل طريقي موجب ڏني ويندي ۽ جنهن ۾ شامل ٿي سگهن ٿا، ليڪچرس، ٽيوٽوريلس، بحث مباحثا، سيمينار، تجربا، ان سان گڏوگڏ ليبارٽريز، ورڪشاپس، فارمس

۾ عملي ڪم ۽ سکيا جا ٻيا طريقا.

(2) مجيل ۽ منظور ڪيل تدريس لاءِ ذميوار اٿارٽي اهڙي هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) ڪورسز ۽ نصاب اهڙو هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بشرطيڪ بيچلرس ڊگري جي سطح تي سمورين فيڪلٽيز ۾، هڪ ڊسيپلين جنهن کي اسلامڪ ۽ پاڪستان اسٽڊيز ڊسيپلين سڏيو ويندو، اهو مسلمان شاگردن لاءِ لازمي هوندو ۽ غير مسلم شاگردن کي اهڙي ڊسيپلين جي سلسلي ۾ اخلاقيات ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو آپشن هوندو.

باب _III

باب _III

يونيورسٽي جا عملدار

OFFICERS OF THE UNIVERSITY

يونيورسٹي جا عملدار

يونيورسٹي جا عملدار

Officers of the University

8. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:

(i) چانسلر؛

(ii) پرو چانسلر؛

(iii) وائيس چانسلر؛

(iv) پرو وائيس چانسلر؛

(v) ڊينس؛

(vi) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(vii) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(viii) رجسٽرار؛

(ix) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(x) پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جو ڊائريڪٽر

(xi) مالیات جو ڈائریکٹر؛

(xii) لائبریرین؛

(xiii) ریزیڈنٹ آڈیٹر؛

(xiv) چیف اکائونٹنٹ؛

(xv) بروسر؛ ۽

(xvi) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي ضابطن موجب يونيورسٽي جي عملدار طور بيان ڪيو ويو هجي.

چانسلر
Chancellor

9. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو چانسلر هوندو.

(2) چانسلر، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(3) جيڪڏهن چانسلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪرڻ کانپوءِ ته ڇو نه اهڙيون ڪارروايون يا حڪم ختم نه ڪيا وڃن، لکت ۾ حڪم ذريعي ڪارروايون ختم ڪري سگهي ٿو.

(4) هر اعزازي ڊگري چانسيلر کان تصديق بعد ڏني ويندي.

(5) چانسيلر کي سينيٽ طرفان جمع ڪرايل قانونن کي منظور ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو يا منظوري روڪي سگهي ٿو يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس سينيٽ ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

(6) چانسيلر ڪنهن به شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبرشپ تان هٽائي سگهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو شخص:

(a) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو، يا

(b) ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو، يا

(c) جنهن کي پاڪستان جي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي.

معائنو
Visitation

10. (1) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت حڪومت جي مشوري سان اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر جاچ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو:

(i) يونيورسٽي، ان جون عمارتون، ليبارٽريز، لائبريريز، ميوزيمس، ورڪشاپس ۽ اوزار؛

(ii) ڪو ادارو، ڪاليج يا هاسٽل يونيورسٽي طرفان سنڀاليل يا مڃتا ڏنل يا الحاق ٿيل؛

(iii) تدريس ۽ يونيورسٽي طرفان ڪيل ڪو ٻيو ڪم؛ ۽

(iv) يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل امتحان.

(2) چانسيلر مٿي ڄاڻايل هر ڪيس جي سلسلي ۾ سنڊيڪيٽ کي جاچ يا چنڊچاڻ ڪرڻ لاءِ نوٽيس ڏئي سگهي ٿو ۽ سنڊيڪيٽ کي اتي نمائندگيءَ ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو.

(3) چانسيلر ان سلسلي ۾ ڪيل جاچ ۽ چنڊ چاڻ جي نتيجن تي سنڊيڪيٽ سان ڳالهه ٻولهه ڪندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان راءِ ملڻ کانپوءِ سنڊيڪيٽ کي قدم کڻڻ لاءِ مشورو ڏيندو.

(4) سنڊيڪيٽ اهڙي قدم بابت چانسيلر سان رابطو ڪندي، جيڪڏهن ڪو هجي، جيئن قدم کنيو ويو

هجي يا جاچ يا چنڊچاڑ جي نتيجي ۾ قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي، اهڙي وقت دوران جيئن چانسيلر طرفان ڇاڻايو ويو هجي.

(5) جتي سنڊيڪيٽ ڇاڻايل وقت دوران چانسيلر کي مطمئن ڪندڙ قدم نہ ٿي کڻي، تہ پوءِ چانسيلر سنڊيڪيٽ طرفان جمع ڪرايل وضاحت يا ڪنهن ريپريزنٽيشن بعد اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو.

پرو چانسلر
Pro Chancellor

11.(1) لائيو استاڪ ۽ فشريز وارو وزير يونيورسٽي جو پرو چانسلر هوندو.

(2) چانسلر اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير حاضر هجي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري تہ پرو چانسيلر، چانسلر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميواريون نيائيندو.

وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

12. (1) هڪ وائيس چانسلر هوندو جيڪو نامياروتعليم دان ۽ منفرد منظم هوندو ۽ پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ڪائونسل جو رجسٽرڈ ميمبر هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي مشوري تي چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، جيڪو هڪ وڌيڪ مدي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب وڌائي سگهجي ٿو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن وائيس چانسلر جو عهدو خالي هجي، يا وائيس چانسلر غير حاضر آهي يا بيماري سبب آفيس جون ذميواريون نيائڻ کان لاچار

آهي، يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسلر حڪومت جي مشوري سان وائيس چانسلر جون ذميواريون نيائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪري سگهي ٿو.

وائيس چانسلر جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Vice Chancellor

13.(1) وائيس چانسلر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن تي عمل ڪندي يونيورسٽي جي عام حيثيت ۽ بهتر صورتحال کي هٿي وٺرائيندو. هن کي يونيورسٽي جي انتظامي ضابطي سميت سمورن عملدارن، استادن ۽ ملازمن تي سمورا ضروري اختيار حاصل هوندا.

(2) وائيس چانسلر، چانسلر ۽ پرو چانسلر جي غير حاضري ۾، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشنز ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ جيڪڏهن موجود هجي، اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو جن جو اهو چيئرمين آهي ۽ يونيورسٽي جي ڪنهن ٻي اٿارٽي يا باڊي جي گڏجاڻيءَ ۾ موجود رهڻ يا صدارت ڪرڻ جو مجاز هوندو.

(3) وائيس چانسلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(4)وائيس چانسلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا تہ:

(i) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ،

جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(ii) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيه مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛

(iii) غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ جيڪا هڪ لک رپين کان وڌيڪ نه هجي يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(iv) لاڳاپيل اٿارٽيز طرفان نالن جا پينل ملڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(vi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي اهو يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي؛

(vii) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيڪڏهن کي هجن، هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن منجهان کي اختيار منتقل ڪرڻ؛

(viii) ادائگي جي بي ايس 16 تائين بنيادي اسڪيلس ۾ آسامين تي مقرريون ڪرڻ؛ ۽

(h) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ،

جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

پرو وائيس چانسلر
Pro Vice Chancellor

14. (1) چانسلر حڪومت جي صلاح تي ۽ وائيس چانسلر سان مشوري بعد مڪ ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس، جيڪڏهن ڪو هجي، يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور تي يا ڏار ڏار اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي، جيئن حڪومت طئي ڪري پرو وائيس چانسلر مقرر ڪري سگهجي ٿو.

(2) جتي ذيلي دفعہ (1) تحت پرو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو آهي، اهو جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ وائيس چانسلر جا ڪم سرانجام ڏئي سگهجي ٿو يا اهڙا ٻيا اختيار يا ڪم ڪمپس جي سلسلي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو جن لاءِ اهو مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪي چانسلر کيس منتقل ڪري.

(3) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو آهي، سينيٽ، سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ايڪس آفيشو ميمبر هوندو.

رجسٽرار
Registrar

15. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهو طئي ڪري.

(2) رجسٽرار هي ڪم ڪندو:

(a) ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو، مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو؛

(b) يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعيلمي رڪارڊس جو

سنڀاليندڙ هوندو.

(c) بيان ڪيل طريقي موجب رجسٽرڊ گريجوئيٽ جو رجسٽر ناهيندو.

(d) مختلف اڀارتيز جي ميمبرن جون ڇاڻايل طريقي موجب چونڊون ڪرائيندو. ۽

(e)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو. جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

مالیات جو ڈائریکٹر
Director of Finance

16. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي صلاح تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو. جيئن اهو طئي ڪري.

(2)ڊائريڪٽر آف فنانس هي ڪم ڪندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت. مالیات ۽ سيڙپڪاري سنڀاليندو.

(b) يونيورسٽي جي سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي مالیات ڪميٽي. سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي سامهون پيش ڪندو.

(c) اها پڪ ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا آهن. ۽

(d) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) ڊائريڪٽر فنانس جي چيف اڪائونٽنٹ ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان مدد ڪئي ويندي.

ریزیڈنٹ آڈیٹر

17. (1) ريزيڊنٽ آفيسر يونيورسٽي جو ڪل وقتي

The Resident Auditor	عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي صلاح سان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو. جيئن اهو طئي ڪري. (2) ريزيڊنٽ آڊيٽر يونيورسٽي جي اڪائونٽس جي آڊيٽنگ سان لاڳاپيل سمورن معاملن جو ذميوار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو. جيئن بيان ڪيو ويو هجي.
امتحان جو ڪنٽرولر Controller of Examinations	18. امتحان جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي صلاح سان مقرر ڪيو ويندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.
ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ The Director Planning and Development	19. ڊائريڪٽر پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو. جيئن اها طئي ڪري.
ٻيا ڪل وقتي عملدار Other Whole time Officers	20. دفعہ 8 ۾ ڄاڻايل ٻيا سمورا عملدار حڪومت طرفان بااختيار ٻڌايل عملدار يا اٿارٽي طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيا ويندا. جيئن اها طئي ڪري. اهي پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

باب ـ IV

يونيورسٽي جون اٿارٽيز

باب _IV
يونيورسٽي جون اختياريون اٿارٽيز
Authorities

AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY

21. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هوندیون:

(i) سينيٽ؛

(ii) سنڊيڪيٽ؛

(iii) اڪيڈمڪ ڪائونسل؛

(iv) بورڊس آف فيڪلٽيز؛

(v) بورڊس آف اسٽڈيز؛

(vi) سليڪشن بورڊ؛

(vii) ايڈوانسڈ اسٽڈيز اينڈ ريسرچ بورڊ؛

(viii) فنانس اينڈ پلاننگ ڪميٽي؛

(ix) الحاق ڪميٽي؛

(x) ڊسيپلين ڪميٽي؛ ۽

(xi) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن استيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سينيٽ
Senate

22. (1) سينيٽ هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر؛

(ii) پرو چانسلر؛

(iii) وائيس چانسلر؛

(iv) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو هجي؛

(v) سنڊيڪيٽ جا ميمبر؛

(vi) ڊينس؛

(vii) ڊائريڪٽرس؛

(viii) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(ix) يونيورسٽي پروفيسرس ۽ اميريٽس پروفيسرس؛

(x) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(xi) شاگردن جي معاملن جو عملدار يا استاد انچارج (ڪهڙو به عهدو سڏيو ويندو هجي)؛

(xii) يونيورسٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا چيئرمين؛

(xiii) هڪ رجسٽرڈ گريجوئيٽ اهڙن سمورن گريجوئيٽس طرفان انهن منجهان چونڊيو ويندو؛

(xiv) ترقي پسند لائيو اسٽاڪ فارمرس ۽ وٽرنري ۽ اينيمل سائنسز ۾ ماهر يا ماٺهو چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛

(xv) رجسٽرار؛

(xvi) مالیات جو ڈائريڪٽر؛

(xvii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛ ۽

(xviii) لائبريرين؛

(2) چانسلر يا سنڊس غير حاضري ۾، پرو چانسلر يا ٻنهي جي غير حاضري ۾، وائيس چانسلر سينيٽ جو چيئرمين هوندو.

(3) ايڪس آفيسو ميمبرن کانسواءِ سينيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندا ۽ جيڪڏهن اهڙي ميمبر جو عهدو اهڙي مدي جي پوري ٿيڻ کان اڳ خالي ٿئي ٿو ته اهڙي آسامي ذيلي دفعہ (1) تحت پري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي مقرر ڪيل ميمبر رهيل مدي لاءِ عهدو سنڀاليندو.

(4) سينيٽ هر سال گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندي اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسلر طرفان چانسلر جي منظوري سان طئي ڪيون وڃن.

(5) سينيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ پاڻي تي برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

سينيٽ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Senate

23. هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، سينيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) سنڊيڪيٽ طرفان تجويز ڪيل قانونن جي ڊرافٽس کي تسليم ڪرڻ ۽ دفعہ 30 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل طريقي موجب انهن کي نيڪال ڪرڻ؛

(b) سالياني رپورٽ، اڪائونٽس جي سالياني استيٽمينٽ ۽ سالياڻن ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ٺهراءُ منظور ڪرڻ؛

(c) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب سنڊيڪيٽ ۽ ٻين اٿارٽيز جا ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(d) پنهنجا کي ٻه اختيار اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

سنڊيڪيٽ
The Syndicate

24. (1) سنڊيڪيٽ هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو هجي؛

(iii) صوبائي اسيمبلي جو هڪ ميمبر صوبائي

اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيو ويندو،

(iv) سينيٽ جا ٻہ ميمبر سينيٽ طرفان چونڊيا ويندا،

(v) چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج،

(vi) لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل جيڪو ايڈيشنل سيڪريٽري جي رينڪ کان گهٽ نہ هجي،

(vii) هائير ايجوڪيشن ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل،

(viii) هڪ ڊين چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو،

(ix) هڪ پروفيسر يونيورسٽي جي پروفيسرن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو،

(x) هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر يونيورسٽي جي ايسوسيئيٽ پروفيسرن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو،

(xi) اسسٽنٽ پروفيسرن طرفان يونيورسٽي جو هڪ اسسٽنٽ پروفيسر پاڻ منجهان چونڊيو ويندو،

(xii) هڪ ليڪچرر جنهن کي ملازمت جو گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جو تجربو هجي يونيورسٽي جي ليڪچررن طرفان پاڻ منجهان چونڊيو ويندو،

(xiii) ترقي پسند لائيو اسٽاڪ فارمرس ۽ وٽرنري ۽ اينيمل سائنسز ۾ ماهر ٻہ ماڻهو چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا،

(xiv) الحاق ٿيل ڪاليج جو هڪ پرنسپال،

جيڪڏهن ڪو هجي ۽ جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛ ۽

(xv) هڪ عالم ۽ هڪ عورت جيڪي ڪنهن تعليمي اداري ۾ ملازمت نہ ڪندا هجن چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا.

(2) ايڪس آفيسو ميمبرن کانسواءِ سنڊيڪيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندا ۽ جيڪڏهن اهڙي ميمبر جو عهدو اهڙي مدي جي پوري ٿيڻ کان اڳ خالي ٿئي ٿو تہ اهڙي آسامي ذيلي دفعہ (1) تحت پري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي مقرر ڪيل ميمبر رهيل مدي لاءِ عهدو سنڀاليندو.

(3) سنڊيڪيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of Syndicate

25. (1) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب يونيورسٽي جي معاملن ۽ ملڪيت جي انتظام تي عام نظرداري هوندي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، سنڊيڪيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) طريقو طئي ڪرڻ، تحويل ۾ ڏيڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر کي استعمال ۾ آڻڻ؛

(b) تدريس، تحقيق ۽ اشاعت جي معيارن کي ترقي ونڊائڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ونڊڻ؛

(c) يونيورسٽي طرفان ڪنهن بہ سلسلي ۾ منقولہ يا غير

منقولہ ملکیت رکڻ، سنيالڻ، وڻڻ، حاصل ڪرڻ يا وڪري يا ٻئي ڪنهن طريقي منتقل ڪرڻ؛

(d) يونيورسٽي طرفان فنڊس رکڻ، انتظام ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ ۽ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽيز جي مشوري کي مان ڏيندي اهڙا فنڊس گورنمينٽ سڪيورٽيز ۽ اهڙين ٻين سڪيورٽيز ۾ سيڙائڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(e) سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٽن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سينيٽ کي مشورو ڏيڻ، ۽ خرچ جي ميجر هيڈ مان ٻئي ڏانهن فنڊس کي ٻيهر ونڊڻ ورڇڻ؛

(f) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جا حساب ڪتاب تيار ڪرڻ؛

(g) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(h) يونيورسٽي لاءِ گهربل عمارتون ۽ ٻيا احاطا، لائبريريز، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ اهڙيون ٻيون شيون مهيا ڪرڻ؛

(i) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنيالڻ ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛

(j) ڪاليجن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛

(k) تعليمي ادارن کي يونيورسٽي جون مراعتون ڏيڻ يا اهڙيون مراعتون ختم ڪرڻ؛

(l) ڪاليجن ۾ تدريسي شعبن جي جاچ ڪرائڻ؛

(m) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيقي يا ٻين عهدن کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(n) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون تدريس جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ؛

(o) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بي ايس 17 ۽ ان کان مٿي آسامين تي يونيورسٽي جا استاد ۽ ملازم مقرر ڪرڻ؛

(p) نامياريا ۽ منفرد پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(q) عملدارن (سواءِ وائيس چانسلر جي)، استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڇاڻايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(r) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(s) بيان ڪيل شرطن موجب چانسلر جي منظوري سان اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(t) سينيٽ کي جمع ڪرائڻ لاءِ استيچوٽس جا ڊرافٽس تجويز ڪرڻ؛

(u) دفعہ 28 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ بيان ڪيل طريقي موجب اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطن تحت غور ڪرڻ ۽ منهن ڏيڻ؛ بشرطيڪ سنڊيڪيٽ

پنهنجي ضرورت موجب ضابطا جوڙي سگهي ٿي ۽ اڪيڈمڪ ڪائونسل جي مشوري بعد انهن جي منظوري ڏئي سگهي ٿي؛

(v) سينيٽ طرفان طلب ڪيل ڪنهن معاملي تي رپورٽ جمع ڪرائڻ؛

(w) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ؛

(x) يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جون ذميواريون بيان ڪرڻ؛

(y) پنهنجا اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي منتقل ڪرڻ؛

(z) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن تحت سونپيا ويا هجن يا قانونن موجب سونپي سگهجن ٿا.

اڪيڈمڪ ڪائونسل
Academic Council

26. (1) اڪيڈمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) پرو وائيس چانسلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو ويو هجي؛

(iii) ڊينس؛

(iv) ادارن جا ڊائريڪٽرس؛

(v) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(vi) پروفيسرس اميريٽس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرس؛

(vii) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(viii) الحاق ٿيل ڪاليجن جا سمورا پرنسپالس، جيڪڏهن ڪي هجن؛

(ix) رجسٽرار؛

(x) لائبريرين؛

(xi) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(xii) ٻه وٺرني اينيمل سائنسدان چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛

(xiii) پاڪستان وٺرني ميڊيڪل ڪائونسل جو هڪ نامزد ڪيل.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ مقرر ڪيل ميبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪنهن ميمبر جو عهدو مدو ختم ٿيڻ کان اڳ خالي ٿئي ٿو تہ اهڙي آسامي ذيلي دفعہ (1) تحت پري ويندي ۽ مقرر ڪيل ميمبر اهڙي آسامي تي رهيل مدي تائين رهي سگهندو.

(3) اڪيڈمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڻي تي برابر هوندو.

اڪيڈمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

27.(1) اڪيڈمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اڪيڈمڪ بابي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان

اختيار حاصل هوندا:

(a) سنڊيڪيٽ کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) تدريس، تحقيق ۽ امتحانن جو انتظام ڪرڻ؛

(c) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(c) بورڊ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(d) اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعامن جو انتظام ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط جو خيال ڪرڻ؛

(f) سنڊيڪيٽ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جوڙڻ ۽ انتظام ڪرڻ لاءِ تجويز ڏيڻ؛

(g) سنڊيڪيٽ جي غور ۽ منظوري لاءِ ضابطا تيار ڪرڻ؛

(h) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب بہ هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڇاڻايل تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، اڪيڊمڪ ڪائونسل، سنڊيڪيٽ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن؛

(i) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي

يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(j) هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(k) يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقي لاءِ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ تجويزون جوڙڻ؛

(l) ملڪ ۽ پرڏيهه ۾ ننڍي مدي ۽ وڏي مدي وارن تربيتي پروگرامن ۽ ڪورسز جو انتظام ڪرڻ، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(h) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

28. اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار جن لاءِ هن ايڪٽ ۾ ڪا خاص گنجائش نہ جوڙي وئي هجي، اهي ايئن هوندا جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, functions and powers of other Authorities

29. ڪا اٿارٽي، وقت بوقت اهڙيون استينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي ۽ ماڻهو ڪميٽي جي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي اهڙين اختيارين جا ميمبر نہ هجن.

ڪجهه اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري

Appointment of committees by certain Authorities

باب _V

اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا

باب _V

STATUTES, REGULATIONS AND RULES

قانون، ضابطا ۽ قاعدا

استيچوٽس

Statutes

30. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ استيچوٽس جوڙڻ سگهجن ٿا:

(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ پين لاڳاپيل فائدن لاءِ؛

(b) تعليمي ادارن جو الحاق ۽ الحاق ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(c) رجسٽرڊ گريجوئيٽس جو رڪارڊ تيار ڪرڻ؛

(d) فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ پين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(e) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(f) پڙهائي ۽ تحقيق جون اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي عرصي، مضمونن جي انگ يا امتحانن جي پيپرس جي؛

(g) شرطن جن تحت يونيورسٽي پين پبلڪ يا پرائيويٽ آرگنائيزيشنز سان تدريس، تحقيق ۽ پين عالماڻين سرگرمين جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(h) پروفيسرز اميريٽس جي مقرري جا شرط ۽ اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(i) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(j) ڪورسز جي عرصي ۾ مضمونن جي انگ ۾ امتحانن لاءِ پيپرس سميت پڙهائي جون عام اسڪيمون؛

(k) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۾ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۾ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(l) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) سنڊيڪيٽ ڪن به قانونن لاءِ تجويزون جوڙي سينيٽ کي پيش ڪندي، جيڪا تجويزن تي غور ڪرڻ بعد تبديلين سان يا بنا تبديلين جي منظور ڪري سگهي ٿي يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ سنڊيڪيٽ ڏانهن واپس اماڻي سگهي ٿي.

(3) ڪو به قانون موثر نه هوندو جيستائين چانسيلر طرفان منظور نه ڪيو وڃي.

ضابطا
Regulations

31. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۾ قانون موجب هينئين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلومان ۾ سرٽيفڪيٽن لاءِ نصاب ۾ ڪورسز آف اسٽڊيز ۾ تحقيقي پروگرام؛

(b) يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۾ نظرداري ڪرڻ، ممتحن جي مقرري، چنڊ چاڙ، ٽيبوليشن ۾ نتيجن جو اعلان ڪرڻ؛

(d) شرطن جن تحت شاگردن کي يونيورسٽي جي ڪورسز ۾ امتحانن لاءِ داخلا ڏني ويندي ۾ جيڪي ڊگرين، ڊپلومان ۾ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل ٿيندا؛

(e) مختلف ڪورسز ۾ داخلا، امتحانن ۽ هاسٽلس لاءِ فيس طئي ڪرڻ ۽ انهن جي اوڳاڙي ڪرڻ؛

(f) شاگردن ۽ تحقيقي عالمن لاءِ فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊلس، اعزازيہ ۽ ٻي مالي مدد فراهم ڪرڻ؛

(g) يونيورسٽي جي ڪورسز آف اسٽڊي ۽ امتحانن ۾ داخلا لاءِ شاگردن طرفان فيس ۽ ٻيون ادائگيون جيڪي ڪيون ويندیون؛

(h) يونيورسٽي جي شاگردن جو نظم و ضبط؛

(i) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط، بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش لاءِ فيس لڳائڻ جي؛

(j) شرط جن تحت ڪو شخص ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو شخص آزاداڻي تحقيق جاري رکي سگهي ٿو؛

(k) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري استوڊنٽ شپس ڏيڻ؛

(l) اڪيڊمڪ ڪاسٽيوم؛

(m) لائبريري جو استعمال؛

(n) تدريسي شعبن ۽ بوردس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛ ۽

(o) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

(2) سنڊيڪيٽ کي ان کي جمع ڪرايل ضابطا منظور ڪرڻ يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي واپس اماڻڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(3) ڪو بہ ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين

ان جي سنڊيڪيٽ طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي
Amendment and repeal of statutes and regulations

32. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ٺاهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

قاعدا
Rules

33. (1) اختياريون ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، استيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون:

بشرطيڪ سنڊيڪيٽ سواءِ سينيٽ جي ٻي ڪنهن اختياري يا باڊي طرفان هن دفعہ تحت جوڙيل ڪن بہ قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ جيڪڏهن اهڙي اختياري يا باڊي اهڙين هدايتن سان مطمئن نہ آهي تہ اها سينيٽ کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ، قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

باب _VI

تعليمي ادارن جو يونيورسٹي ۾ الحاق

AFFILIATION OF EDUCATIONAL INSTITUTIONS

باب _VI
تعليمي ادارن جو

TO THE UNIVERSITY

يونيورسٽي سان الحاق

الحاق

Affiliation

34. (1) **يونيورسٽي سان الحاق چاهيندڙ تعليمي ادارو مطمئن ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي کي درخواست ڏيندو ته:**

(i) **تعليمي ادارو حڪومت جي انتظام هيٺ آهي يا ان لاءِ مستقل بنيادن تي جوڙيل گورننگ باڊي آهي؛**

(ii) **تعليمي اداري جا مالي وسيلا اداري جي مرمت ۽ جوڳي نموني ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪافي آهن؛**

(iii) **تعليمي اداري جي پڙهائيندڙ ۽ ٻئي استاف جي سگهه، تعليمي قابليت ۽ ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪيل ڪورسز آف اسٽڊيز ۽ تعليمي اداري جي تربيت جي مقصد لاءِ مطمئن ڪندڙ آهن؛**

(iv) **تعليمي اداري کي پنهنجي ملازمن جي ڪم ڪار ۽ نظم و ضبط کي سنياڻڻ لاءِ جوڳا قاعدا آهن؛**

(v) **عمارت جنهن جڳهه تي تعليمي ادارو قائم ٿيڻو آهي، اها موزون آهي ۽ قانونن ۽ قاعدن موجب شاگردن جي رهائش لاءِ گنجائشون جوڙيون ويندیون، جيڪي پنهنجي والدين يا سنياليندڙ سان گڏ تعليمي اداري يا هاسٽلس يا ان طرفان منظور ڪيل رهائش جي جڳهن ۾ نه رهي سگهندا هوندا ، نظرداري ۽ شاگردن جي طبي ۽ عام ڀلائيءَ جي سلسلي ۾؛**

(vi) **لائبريري ۽ لائبريري جي ججهي انداز ۾ خدمتن لاءِ گنجائشون جوڙيون ويون آهن؛**

(vii) **جتي تجرباتي سائنسز جي ڪنهن شاخ ۾ الحاق گهربل هجي، اتي ان سائنس جي شاخ ۾ تعليم لاءِ مڪمل پريل ليبارٽري، ميوزيم ۽ ٻين عملي ڪم جي**

هنڌن سان گڏ تعليم لاءِ انتظام ڪيا ويا آهن:

(viii) ضروري گنجائش، جيئن حالتون اجازت ڏين، پرنسپال جي رهائش ۾ تدريسي عملي جي ميمبرن جي رهائش لاءِ ڪاليج ۾ يا ڪاليج پرسان يا شاگردن جي رهائش لاءِ فراهم ڪيل جڳهه پرسان جوڙجي ويندي؛ ۽

(ix) تعليمي اداري جو الحاق، گنجائش موجب پر ۾ موجود ڪنهن ٻئي تعليمي اداري جي شاگردن جي تعليم يا نظم و ضبط جي مفادن لاءِ نقصانڪار نه هوندو.

(2) نفاذ ۾ وڌيڪ اهو شامل هوندو ته تعليمي ادارو جي الحاق بعد ڪا منتقلي، ڪي انتظامي ۽ تدريسي عملي ۾ تبديليون آنديون ويون آهن، انهن بابت يونيورسٽي کي رپورٽ ڪيو ويندو ۽ تبديل ڪيل نئون تدريسي عملو اهڙي قابليت رکندو جيئن بيان ڪيل آهي يا جيئن بيان ڪيو ويو.

(3) هڪ تعليمي اداري جي الحاق بابت درخواست جي نيڪال جو طريقيڪار اهڙيءَ ريت هوندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سنڊيڪيٽ الحاق ڪميٽي جي سفارش تي تعليمي اداري کي الحاق ڏئي يا الحاق کان انڪار ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ الحاق کان تيستائين انڪار نه ڪيو ويندو يا ختم نه ڪيو ويندو جيستائين تجويز ڪيل فيصلي خلاف اداري کي ريپريزنٽيشن پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو ويو.

الحاق ٿيل ادارن طرفان ڪورسز جو اضافو
Addition of courses by affiliated educational institutions

35. جتي ڪو تعليمي ادارو پڙهائي جا ڪورسز شامل ڪرڻ جي خواهش ڪري ٿو جن جي سلسلي ۾ ان کي الحاق ڏنو ويو آهي تہ دفعہ 34 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل طريقيڪار تي عمل ڪيو ويندو.

الحاق ٿيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون
Reports from affiliated educational institutions

36.(1) يونيورسٽي ۾ الحاق ٿيل هر تعليمي ادارو اهڙيون رپورٽون، ريٽرنس ۽ ٻي معلومات فراهم ڪندو جيڪا يونيورسٽي ان جي صلاحيت ۽ تعليمي اداري جي اهليت بابت ڄاڻ لاءِ طلب ڪري.

(2) يونيورسٽي الحاق ٿيل ڪنهن تعليمي اداري کي مخصوص عرصي دوران اهڙو قدم کڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، جيڪو يونيورسٽي دفعہ 34 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي لاءِ ضروري سمجهي.

الحاق ختم ڪرڻ
Withdrawal of affiliation

37. (1) جيڪڏهن يونيورسٽي سان الحاق ٿيل تعليمي ادارو ڪنهن بہ وقت هن ايڪٽ ۾ ڄاڻايل گهرجن تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ادارو پنهنجي الحاق جي ڪنهن شرط تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ان جا معاملا اهڙيءَ ريت هلايا وڃن ٿا، جيڪي تعليم جي مفادن وٽان نہ هجن تہ سنڊيڪيٽ الحاق ڪميٽي جي سفارش تي ۽ تعليمي اداري طرفان اهڙي عرضداشت تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ تعليمي اداري کي الحاق ذريعي ڏنل سمورا حق يا ڪجهہ حصو ختم ڪري سگهي ٿي يا اهڙن حقن کي ٻيهر ترتيب ڏئي سگهي ٿي.

(2) الحاق ختم ڪرڻ لاءِ اهڙو طريقو اختيار ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

الحاق کان انڪار يا ختم ڪرڻ خلاف اپيل

Appeal against refusal or withdrawal of affiliation

38. ڪنهن اداري جو الحاق ختم ڪرڻ واري سنڊيڪيٽ جي فيصلي، تعليمي اداري کي الحاق ذريعي ڏنل سمورا حق يا ڪجھ حصو ختم ڪرڻ خلاف سينيٽ ۾ اپيل ڪري سگھجي ٿي.

باب _VII

باب _VII

يونيورسٽي فنڊ

يونيورسٽي فنڊ

UNIVERSITY FUND

يونيورسٽي فنڊ

University Fund

39. يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن کي يونيورسٽي فنڊ سڏيو ويندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Audit and Accounts

40. (1) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪو به خرچ يونيورسٽي جي فنڊس مان نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان جي ادائگي جو بل قانونن موجب ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان آڊٽ نہ ڪيو ويو هجي ۽ ادائگي يونيورسٽي جي منظور ٿيل بجيٽ ۾ شامل نہ هجي.

(3) يونيورسٽي جا اڪائونٽس سال ۾ هڪ پيرو قانونن، ضابطن ۽ قاندن موجب حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس ڊائريڪٽر آف فنانس ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر جي صحيح سان گڏ مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر حڪومت کي جمع ڪرايا ويندا.

(5) يونيورسٽي جا اڪائونٽس آڊٽ اعتراضن سميت، جيڪڏهن ڪو هجي ۽ آڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر فنانس جي خدشن سميت ڇاڻايل طريقيڪار موجب سينيٽ ۾ پيش ڪيا ويندا.

باب _VIII

عام گنجائشون

GENERAL PROVISIONS

باب _VIII
عام گنجائشون

ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Service

41. يونيورسٽي جو ڪو عملدار، استاد يا پيو ڪو ملازم يونيورسٽي جي ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهه سال مڪمل ڪيا هجن، ان کانپوءِ اهو پينشن يا پين رٽائرمينٽ جي فائدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري،

بشرطيڪ ڪنهن به ملازم کي تيستائين رٽائر نه ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙي قدم کڻڻ جي حقيقتن کان آگاهه نه ڪيو وجي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نه ڏنو وجي؛ يا

(ii) جتي شق (i) موجب ڪا هدايت نه ڪئي وئي آهي، تہ ست سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي رٽائر ڪندو.

وضاحت: هن دفعہ ۾ "مجاز اٿارٽي" مطلب مقرر ڪندڙ اٿارٽي يا شخص جيڪو مقرر ڪندڙ اٿارٽي طرفان ان

سلسلي ۾ بااختيار بڻايو ويو هجي، جيڪو لاڳاپيل عملدار، استاد يا ٻئي ملازم جي رينڪ کان گهٽ نه هجي.

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show case

42. سواءِ ان جي تہ، ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نہ ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو ويو.

اپيل يا نظرثاني
Appeal or review

43. (1) جتي ڪنهن عملدار (سواءِ وائيس چانسيلر جي)، استاد يا يونيورسٽي جي ٻئي ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي يا ان جي ملازمت جي ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن موجب تبديل ڪيو ويو يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف سنڊيڪيٽ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، جتي حڪم سنڊيڪيٽ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي سنڊيڪيٽ کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.

(2)نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست وائيس چانسيلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ سنڊيڪيٽ جي سامهون رکندو.

(3) اپيل ۾ نظرثاني تي ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار جيئن معاملو هجي، کي پڌرو جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

44. (1) يونيورسٽي پنهنجي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي پلائي لاءِ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پرووِيڈنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووِيڈنٽ فنڈس ايڪٽ، 1925 (1925 جو ايڪٽ XIX) جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿيندیون.

اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات

Commencement of term of office of members of Authorities

45. (1) جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر چونڊيو مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) ۾ شامل ڪجهہ بہ دفعہ 43 تي اثرانداز نہ ٿيندو.

(3) جتي ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا چونڊيل ميمبر لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ حاضر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ اهو ميمبر نہ رهندو.

(4) ڪو ميمبر جنهن کا اسائنمينٽ قبول ڪئي هجي يا ٻئي سبب جي ڪري يونيورسٽي کان اهڙي عرصي لاءِ غير حاضر رهي ٿو جيڪو ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هجي تہ ان کي استعيفيٰ ڏنل سمجهيو ويندو ۽

ان جي سيٽ خالي سمجهي ويندي.

46. ڪنهن اٿارٽي جي چونڊيل، مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي ان شخص، شخصيتن يا باڊيءَ طرفان جنهن ان ميمبر کي چونڊيو، مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي پريو ويندو. ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽيءَ جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو. جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي پرتي

Filling of Casual Vacancies in authorities

47. جتي هن ايڪٽ تحت جوڙيل اٿارٽيءَ ۾ ڪا آسامي هجي، چاڪاڻ ته حڪومت يا تنظيم، اداري يا يونيورسٽي کان ٻاهر ڪنهن ٻي باڊي ذريعي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم کان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت پري ويندي جيئن چانسيلر هدايت ڪري.

اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خرابيون

Voids in the constitution of Authorities

48. جيڪڏهن ڪنهن ميمبر جي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر طور مقرري تي ڪو سوال اٿي ٿو ته اهو معاملو وائيس چانسلر ۽ هاءِ ڪورٽ جي جج ۽ سيڪ کان سينئر ڊين تي مشتمل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو. جيڪي سنڊيڪيٽ جا ميمبر آهن ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of Authorities

49. ڪنهن اٿارٽيءَ جو ڪو قدم، ڪارروائي، نهراءُ يا فيصلو ڪنڊڻ، پاس ڪنڊڻ جاري ڪنڊڻ اٿارٽي ۾ موجود ڪنهن آسامي جي ڪري غير موثر نه ٿيندو يا اٿارٽيءَ ۾ ڪنهن ڊي فيڪٽو ميمبر جي چونڊ، مقرري يا

اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ

Proceedings of the Authorities and

نامزدگيءَ ۾ قابليت يا غير موجودگي سبب غير موثر نہ ٿيندو، پوءِ اهو حاضر هجي يا غير حاضر هجي.

invalidated by vacancies

50. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ ڄاڻايل قانون دفعہ 30 تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين جاري رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا جيستائين انهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت جوڙيل نون قانونن سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

فرسٽ استيچوٽس
First Statutes

51. هن ايڪٽ تحت سڀني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

52. هن ايڪٽ تحت سڀني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

ضمانت
Indemnity

53. (1) جيستائين ڪجهہ ان کان اڳ موجود نہ هجي، تيستائين:

(a) ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٹي جو ٻيو ڪو ملازم جيئن چانسلر عوامي مفاد وٹان ۽ گورنر جي مشوري سان هدايت ڪري، ڪنهن سرڪاري عهدي يا ڪنهن ٻي يونيورسٹي يا تعليمي يا تحقيقي اداري ۾ خدمت سرانجام ڏئي سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾، حڪم جاري ڪرڻ

عملدارن، استادن يا ملازمن کي ڪنهن حڪومت يا تنظيم جي هٹ هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ طلب ڪرڻ
Power to require officers, teachers or employees to serve under any

Government or Organizations

کان اڳ سنڊيڪيٽ سان مشورو ڪيو ويندو.

(b) چانسلر عوامي مفاد ۾ ۽ سرڪار سان مشوري بعد يونيورسٽي ۾ ڪنهن به عهدي تي ڪو به سرڪاري ملازم يا ٻي ڪنهن يونيورسٽي يا تعليمي ۽ تحقيقي اداري جو ملازم پرتي ڪري سگهي ٿو.

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾ حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ سنڊيڪيٽ سان مشورو ڪيو ويندو.

(2) جتي هن دفعہ موجب ڪا مقرري يا بدلي ڪئي وڃي ٿي، مقرر ٿيندڙ يا بدلي ٿيندڙ جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا ان جي مقرري يا بدلي کان اڳ ڪيس ملندڙ شرط گذريل ملازمت جي فائدن کان گهٽ نہ هوندا.

شيڊول

پهريان قانون

(ڏسو دفعہ 50)

فرسٽ استيچوٽس
The First Statutes
(ڏسو دفعہ 45)

فيڪلٽيز
Faculties

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

(i) وٽرنري سائنسز جي فيڪلٽي؛

(ii) بايو سائنسز جي فيڪلٽي؛

(iii) اينيمل پروڊڪشن ۽ ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛

(iv) لائيو اسٽاڪ بزنس مئنيجمينٽ جي فيڪلٽي؛

(v) فشريز ۽ وائلڈ لائيف جي فيڪلٽي؛

(vi) انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛

(vii) اهڙيون ٻيون ڪي فيڪلٽيز جيئن قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.

(2) هر فيڪلٽي ۾ شامل هوندا اهڙا ادارا، تدريسي

شعبا، مرڪز يا ٻيا تدريس ۽ تحقيق جا يونٽس، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(3) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(a) ڊين؛

(b) پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(c)فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جو هڪ ميمبر لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(d) ٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي اهي نہ پڙهائيندا هوندا، پر جن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾ فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن تي خاص عبور هوندو.

(4) ذيلي دفعہ (3) جي شقن (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(5) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(4) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار حاصل هوندا:

(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت مربوط ڪرڻ؛

(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز

ڪيل ڪورسز ۾ نصاب جي چنڊ چاڙ ڪرڻ ۽ انهن
کي پنهنجي مشاهدي سان گڏ اڪيڈمڪ ڪائونسل
ڏانهن اماڙڻ.

(c) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڈيز جي سفارشن
جي چنڊ چاڙ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي
مقرري تي، سواءِ ريسرچ ممتحن جي، جن کي وائيس
چانسيلر ڏانهن اماڙيو ويندو؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو
هجي.

2.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

ڊين
Dean

(2) هر فيڪلٽي جو ڊين چانسيلر طرفان وائيس
چانسيلر جي سفارش تي فيڪلٽي ۾ سڀ کان سينئر
ٽن پروفيسرن منجهان ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيو ويندو.

(3) ڊين فيڪلٽي ۾ ايندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ
اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪندو.

(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون
ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

3. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ
هڪ تدريسي شعبو هوندو جيئن منظور ڪيو ويو
هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرمين سربراهه
هوندو.

تدريسي شعبو
Teaching
Department

(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين سنڊيڪيٽ طرفان
وائيس چانسيلر جي سفارش تي شعبي جي سينئر
استادن منجهان ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويندو.

(3) تدريسي شعبي جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو.

بورڊ آف اسٽڊيز
Board of Studies

4. (1) هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ڏار بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(a) تدريسي شعبي جو چيئرمين؛

(b) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(c) ٻه يونيورسٽي جا استاد، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا

(d) ٽي ماهر، سواءِ يونيورسٽي استادن جي، وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

(6) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:

(a) اثارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛

(b) مضمون يا لاڳاپيل مضمونن ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛

(c) مضمون يا لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Board of Advanced studies and Research

5. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) ڊينس؛

(iii) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينس جي، سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iv) ٽي يونيورسٽي جا استاد جن وٽ قابليت ۽ تجربو هوندو اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(v) اميريٽس پروفيسرس.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اثارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي ۾ تحقيقي ڊگريون ڏيڻ تي غور ڪرڻ ۽ اثارٽيز کي رپورٽ ڏيڻ؛

(c) تحقيقي ڊگري ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(d) تحقيق جي شاگردن لاءِ سپر وائيزرس مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ٽيسز جا مضمون طئي ڪرڻ؛

(e) بروڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور بعد تحقيقي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جا پينلس تجويز ڪرڻ؛ ۽

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

6. (1) سليڪش بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) چيئرمين يا سنڊ پبلڪ سروس ڪميشن جو هڪ ميمبر چيئرمين طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iii) ٻه نامياريا ماڻهو سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيا ويندا: بشرطيڪ انهن مان ڪو به يونيورسٽي جو ملازم نه هوندو؛

(iv) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(v) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين.

(2) جاڻايل ميمبر ذيلي دفعه (1) جي ذيلي شق (iii) تحت ٻن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(3) سليڪشن بورڊ جي گڏجاٽيءَ ڪورم چار ميمبر هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو بہ ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نہ وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڈ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاءِڪاپيل مضمون ۾ بہ ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڈ جي سفارش تي بورڈ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان ۽ وقت بہ وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

سليڪشن بورڈ جا ڪم
Functions of Selection Board

7. (1) سليڪشن بورڈ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين تدريسي ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ سنڊيڪيٽ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڈ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڈ ڪرڻ لاءِ سنڊيڪيٽ کي اعليٰ بنيادي پگهار جاري ڪرڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڈ اعليٰ تعليمي يافتہ شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب سنڊيڪيٽ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سليڪشن بورڈ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن

جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا سنڊيڪيٽ کي اماڻيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(5) سليڪشن بورڊ ۽ سنڊيڪيٽ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نہ ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

مالیات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The finance and Planning Committee

8. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) سينيٽ جا ٻہ نامزد ڪيل؛

(c) سنڊيڪيٽ جو هڪ نامزد ڪيل؛

(d) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ ماهر ٻہ ڄڻا چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(e) هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو؛

(f) مالیات جو ڊائريڪٽر؛

(g) منصوبابندي ۽ ترقيءَ جو ڊائريڪٽر؛ ۽

(h) هائير ايجوڪيشن ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي ميمبرن جي عهدي جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) فانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

مالیات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم

Functions of the

9. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) سالياني اڪائونٽ جي استيٽمينٽ تي غور ڪرڻ

Finance and Planning Committee	۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ کاٽن تي غور ڪرڻ ۽ سنڊيڪيٽ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛ (b) يونيورسٽي جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛ (c) سنڊيڪيٽ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛ (d) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ؛ ۽ (e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.
الحاق ڪميٽي Affiliation Committee	10. (1) هڪ الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي: (i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛ (ii) سنڊيڪيٽ جو هڪ ميمبر جيڪو سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ (iii) ٻہ پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ (2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو؛ (3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٿن کان وڌيڪ نہ هوندا. (4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي جو ڪورم ٿي ميمبر هوندو. (5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان

ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

(6) الحاق ڪميٽي جا ڪم هينين ريت هوندا:

(a) الحاق چاهيندڙ يا يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخلا چاهيندڙ تعليمي اداري جي جاچ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڈمڪ ڪائونسل کي مشورو ڏيڻ؛

(b) الحاق ٽيل ڪاليجن طرفان الحاق جي شرطن جي پيڪڙي جي شڪايتن تي جاچ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڈمڪ ڪائونسل کي مشورو ڏيڻ؛ ۽

(c) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

نظم و ضبط ڪميٽي
Discipline Committee

11. (1) ڊسيپلين ڪميٽي هينين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسيلر يا ان جو نامزد ڪيل؛

(b) ٻہ پروفيسر اڪيڈمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(c) هڪ ميمبر سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(d) شاگردن جي معاملن جو هڪ استاد يا آفيسر انچارج ڪهڙي ٻہ نالي سان هجي جيڪو (ميمبر سيڪريٽري) طور ڪم ڪندو.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڊسيپلين ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو.

(3) ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.

(4) ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هينين ريت هوندا:

(i) اڪيڈمڪ ڪائونسل کي يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت، نظم و ضبط ۽ بداخلاقي جي ڪيسن

سان منهن ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛ ۽

(ii) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي قانونن ۽ ضابطن موجب سونپيا وڃن.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.